۾ اچي وياسين.

خير مير صاحب پنهنجي خرچ تي استقبال جا پوسٽر ڇپرايا. گاڏيءَ تي الاهي ماڻهو ويا. اسان پنهنجي طرفان ان ڪم تي عبدالحئي ڀليجي کي لڳايو هوسين. اُنَ ون لياقت ميڊيڪل ڪاليج (L. M. C) ويس ۾ ڪامل راڄپر کي چيم ته، پسون ڪٿي اچي استقبال ڪجو. ڪامل اهو ٻڌي مون ڏانهن ڏٺو ته اچي ڳل ۾ چنڊڪياسين. اسان ٻنهي کي اهو وقت ياد آيو جڏهن پڻو وزير هو، ڪامل ان جو استقبال ڪرڻ لاءِ اسٽيشن تي پسون ولي آيو هو ۽ اسان اتي ”ون يونٽ ٽوڙيو“ جا نعرا هنيا هئا. جنهن تي پڻو ته ناراض ٿيو هو پر ڪامل ۽ ڏاڍو ڪاوڙيو هو. اسان کي اهو ۽ خار هو ڪجهه ڏينهن اڳ محترمه جناح جا ان وقت جمهوريت جي علامت (Symbol) بڻجي ويئي هئي آن جي خلاف پڻي صاحب نهايت ئي ادبي وار و بيان ڏنو هو. ان ڪري ڪامل جي ڪاوڙجڻ جي باوجود اسان نعرا بند نه ڪيا. اهو جيئن پڻي ياد آيو تيئن ٻئي کلياسين. پوءِ آفندي چيو مانس: ”پرواه نه ڪر وقت وڏو حرامي جانور آهي. تون آهين هڪ فرد سان ٻڌل، اسين آهيون منزل سان ٻڌل سو ائين وري ڀي پيو ٿيندو ۽ ٿيا ڪنداسين.“

خير سو استقبال ۽ ٿيو. شام جو اجلاس ۾ تمام وڏو ميڙاڪو ٿي ويو دعوت ناما ڏنا هئاسين، هڪ

ٿا ۽ ڪبر... !

باقي جيستائين الزامن جو تعلق آهي سو ڪي مشڪرا ته اهو به ٿا لکن ته لسالي فساد ٿيا تڏهن ڇام ڪٿي هو— ڇاڻ ڪي اها به خبر ڪانهي ته ان وقت ملتان جيل ۾ آئون يحولي حڪومت طرفان ڏاڍيل سزا جا پڻي جي دور ۾ تعميل تي سا ڀوڳي رهيو هوس. سو اهڙن الزامن جا کهڙا جواب ڏجن البت آخر ۾ اياز جو هڪ بيت ياد آيو اٿم:

اسان تي الزام، آنـدا جڳ جيڻن جا،
جنهن جي روز جواب ور جرڪيا منهنجا ڇام،
الا ڪڏهن عام، رسندا منهنجي روح ڪي!

